# ”دل

# جو

# دفتر“

**(محمد اسلم، ”اسلم“ شيخ)**

# انتساب

ڪريان

ٿو

پنهنجي

قابل احترام

## ابي ۽ امڙ

جي

نانءُ

جن مون کي

سٺي تعليم ۽ تربيت ڏئي

شعور بخشيو

## الله تعاليٰ

کين هميشه لاءِ

## جنت_فردوس

۾ جڳهه

عطا فرمائي.

## (آمين)

# ”پيش پرين جي“

# ”دل جو دفتر“

قدرت جي حسين نظارن کي ڏسڻ، سٺن جملن ۽ پرڪشش شعرن کي گڏ ڪرڻ جو بچپن کان ئي شوق رهيو آهي، مون کي بابا هر سال نيون ڊائريون ڏيندو هيو، ان ڪري ڊائرين لکڻ ۽ سانڍڻ جو به منهنجو مشغلو رهيو آهي.

آءٌ شهدادڪوٽ ميونسپل هاءِ اسڪول موجود گورنمينٽ پراونشلائيزڊ هاءِ اسڪول جو شاگرد آهيان، اسان جي اسڪول جو هيڊ ماستر محترم عبدالستار پٿي صاحب شاگردن جي ذهني تربيت ۽ معلومات واسطي هر هفتي اسڪول جي ايوان ۾ گڏجاڻيون رچائيندو هيو، جنهن ۾ شاگرد پنهنجون لڪڻيون، شعر، بيت، عام معلومات، انگريزي جملا، گانا پيش ڪندا هئا، جو آءٌ به انهن ۾ پرپور حصو وٺندو هيس ۽ ان جو انتظار ڪندو هيم، علاوه اسان جي شهر شهدادڪوٽ جي مرڪزي چونڪ ”ڪوٽو موٺو چونڪ“ تي سنڌ جي نالي واري اديب ۽ شاعر مرحوم حڪيم محمد چٽل ”فدا“ شيخ شهدادڪوٽي جي لائبريري ۽ بيٺڪ هوندي هئي، جتي هر وقت ادبي ۽ سماجي محفلن جو سماع هوندو هيو. ماڻهن جي گهڻي اچ وڃ ۽ بحث مباحثن ڪري مشهور جاءِ هئي. ”فدا“ شهدادڪوٽي محفل جو مور ۽ شعرن جي بهتر ادائگي ڪري مشهور هيو، حسن پرست بزرگ شاعر شاهه لطيف جي شعرن کي بيان ڪندي روئي ويهندو هيو، ان جي معنيٰ ۽ مفهوم لاجواب هيو، جنهن ڪري شاهه جي بيتن سان گهرو لڳاءُ رهيو آهي، شهدادڪوٽ ۾ ڪيترائي شاعر سڄي سنڌ کان وٽس ايندا هئا ۽ محفل مشاعرن جا اهتمام پڻ ٿيندا هئا، فدا شهدادڪوٽي کان سواءِ مولانا حبيب الله حبيب، گل حسن شاد، استاد پيرل قمبر، محمد يوسف عزيز ڪوسو، حافظ منير احمد منير، مهرالله خان مهر شيخ ۽ ٻيا وڏا نالا هئا. مهرالله خان شيخ پنهنجي گفتگو ۾ اهڙا ته متاثر ڪندڙ شعر استعمال ڪندو هيو، جو محفل ۾ واهه واهه ٿي ويندي هئي. مرحوم گل محمد مئنيجر نيشنل بئنڪ شهدادڪوٽ ۾ مشاعرن جي نشت هر مهيني منعقد ڪرائيندو هيو، آءٌ ۽ ڪامريڊ ولي محمد مگڻهار سنڌي ادبي سنگت جو پايو وڌو ۽ هر هفتي ادبي نشست جو اهتمام ڪندا هئاسون. بزم پيرل قمبر قائم ڪئي سون، ان کان اڳ محمد بن قاسم ادبي سوسائٽي، مسٽر گل حسن عباسي ۽ مرحوم رسول بخش شيخ پاران قائم ڪيل مهراڻ ايسوسيئيشن شهدادڪوٽ ۾ سنڌي ادب جو پرپور ماحول پيدا ڪيو. همدرد ايسوسيئيشن به هن ڏس ۾ قابل قدر خدمت انجام ڏني. منهنجي ادب سان دلچسپي 1966 کان اڄ ڏينهن تائين قائم آهي، پر مون پنهنجو پهريون شعر

1988-89 ۾ لکيو. شهدادڪوٽ ۾ سيد گل محمد شاهه گل بخاري، محمد يوسف عزيز ڪوسو، حافظ منير، اظهار ۽ ٻين اردو سنڌي ادبي سنگت قائم ڪي، جنهن ۾ به مون ڪافي حصو ورتو.

ازانسواءِ سماجي، رفاعي ۽ خدمت خلق جهڙوڪ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون اٿم. ميٽرڪ سال 1967 ۾ ڪيم ۽ 1968-69 لاءِ فرسٽ ايئر ۽ انٽر سائنس لاڙڪاڻه ڊگري ڪاليج مان ڪيم، ان دوران شعر و شاعري ۾ دلچسپي رهي. مرحوم سيد خادم حسين شاهه پاران سيد جاڙل شاهه بخاري جي صحن تي ٿيندڙ هڙني محفلين ۾ شريڪ ٿيندو هيس، جت ٻين کان علاوه مسٽر اختر جانوري، ميجر دوست محمد چانڊيو، محمد عظيم، ذوالفقار قادري ۽ ٻيا ايندا هئا. هت نئين شعر و شاعري پيش ٿيندي هئي ۽ تنقيدي نشست پڻ ٿيندي هئي.

استاد پيرل قمبر کي شعر و شاعري ۾ اعليٰ مقام حاصل هيو ۽ پنهنجن شعرن ۽ ڪلامن ڪري مشهور هيو، سندس گيت سلام محبت مشهور هئا. استاد پيرل کي شعر جي ادائگي جو آرٽ هيو ۽ محفل کان خوب داد حاصل ڪندو هيو. گل حسن شاد کي مزاحيه شاعري ڪري وڏو داد ملندو هيو. استاد پيرل قمبر شهدادڪوٽ ۾ هر شام کان رات تائين پنهنجي اوطاق تي ادبي نشستون ڪرائيندو هيو، جنهن ۾ شهر جا نوجوان ڀرپور حصو وٺندا هئا. استاد هر روز نئين طرح ڏئي اسان کان شعر مڪمل ڪرائيندو هيو، ان کي ڳائي ان جي بحر وزن کان واقفيت ڏياريندو هيو، انڪري رديف، ڪافين، لفظن ۽ جملن سڪڻ جو نادر موقعو هٿ آيو ۽ شعر لکڻ جو شوق وڌيو جو مون سنڌي لٽريچر/ادب ۾ ماسٽرس جي ڊگري حاصل ڪئي. استاد پيرل قمبر شهدادڪوٽ ۾ ڪيترائي مشاعرا ڪرايا، جن ۾ منهنجو ۽ ڪامريڊ ولي محمد جو حصو رهيو آهي.

اردو، انگريزي ۽ سنڌي رسالن، ڪتابن خريد ڪرڻ ۽ شيخ اياز جي شاعري جو وڏو رجحان هيو ۽ هڪ سٺي لائبريري قائم ڪئي. 1988-89 ۾ منهنجو تخلص مخلص هيو جو بعد ۾ اسلم شيخ جي نالي رکيم.

شعر و شاعريءَ لاءِ منهنجو ذاتي مشاهدو آهي ته هي هڪ قدرتي ڪيفيت آهي، شاعر جڏهن ڪنهن منظر يا اثر کان سرشار ٿي ويندو آهي ته، سندس قلم رواني سان ڪا نئين تخليق ڪري وجهندو آهي ۽ اهڙي عمل جو نالو شاعري يا لکٽي آهي، مون به شعر تڏهن ئي لکيو، جڏهن ڪنهن ڪيفيت کان متاثر ٿي ويندو آهيان، آءٌ ڪو باضابطه شاعر ته ڪو نه آهيان، مگر شعر و سخن جي پال جو پڪل ضرور آهيان. مون کي پنهنجي شاعري ڇپرائڻ جي سالن کان آرزو هئي، جنهن لاءِ ذهني طورمنتظر هيس مگر وقت جي پابندين ۽ ذميوارين ڪري ممڪن نه ٿي سگهيو، هڪ ڏينهن ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ

سان رسمي ملاقات ۾ شاعري جو ذڪر آيو، سائين مون کان ڪتاب بابت پڇيو، ڊاڪٽر صاحب مون کي پنهنجي مواد بابت چيو ته هو ڪيس ڏيکاري، آءٌ ڪيس مواد ڏيکاريو، ڊاڪٽر صاحب مون کي ايترو ته همتايو ۽ پويان لڳي پيو، جو هن صاحب منهنجي مواد کي ٻن هفتن اندر ڪمپوز ڪرائي ڇڏيو، سچ آهي ڏيئي مان ڏيئو ٻرندو آهي، منهنجي مشاهدي مطابق ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ اسان سيڪڙاٽن لاءِ ايئن آهي، جيئن ماءُ ٻار کي هلڻ ۽ ڳالهائڻ سيکاري ورنه لال جي آرسيءَ وانگر منهنجو به هي سالن جو دفتر آرس جي نظر اچي بوسيده ٿي وڃي ها، سچ چيو اٿن ته انسان ختم ٿي وڃي ٿو پر سندس لکٽيون زنده رهن ٿيون.

ڊاڪٽر در محمد جو نالو در - محمد- پٺاڻ آهي، ان جي معنيٰ پاڻ به دُرُ آهي ۽ دُرَ جو قدردان به، منهنجي سالن جو هي پورهيو شايد ڪيس دُرَ نظر آيا ۽ وري ذات جو پٺاڻ آهي، سو سوناري جو ٺڪ ٺڪ کان لوهر وارو هڪ ڌڪ ۾ "دل جو دفتر" کي منظر عام تي آڻي منهنجي خوابن کي حقيقت جو روپ ڏنو آهي، ان ڪري سندس ٿورائتو آهيان ۽ پڻ مسٽر راشد سومرو صاحب جو به جنهن ڪمپوزنگ ڪئي.

آخر ۾ عرض ڪندس ته سائين! اوهان کي "دل جو دفتر" ڪيئن محسوس ٿيو! ڇا اوهان پنهنجي قيمتي راءِ سان ٽائيم سيڙائي ڪجهه جملا مون ڏي اماڻي سگهو ٿا ته جيئن مون ۽ مون جهڙن ڪوڙ شاگردن جي ذهني اوسر ۽ همت افزائي ٿي سگهي، اميد ته مني موٽ ڏيندا.

پيار ۽ پاٻوهه وچان
محمد اسلم شيخ، شهدادڪوٽي
A-114 مير حسن آباد
حسين آباد، حيدرآباد.

# محمد اسلم شيخ ۽ سندس شاعري ”دل جو دفتر“

## هڪ تعارف

مون 1990ع ۾ پنهنجي ڳوٺ خير محمد آريجا ۾ گل حيات انسٽيٽيوٽ قائم ڪيو ۽ اخباري پڙهندڙن خواهه خبرن ذريعي پڙها ڏيڻ شروع ڪيم ته ”مون کي ردي ڏيو، ۽ موٽ ۾ تاريخ وٺو.“ چو ته اها منهنجي وس کان ٻاهر هئي ته سموريون اخبارون خريد ڪريان ۽ انهن مان ڪم جي مواد خواهه معلومات جي ڪٽنگ پيسٽنگ ڪريان. ان لاءِ مون کي سهڪار جي ضرورت هئي ڪوڙ سارن دوستن کي منهنجي اپيل متاثر ڪيو. مون پاڻ ٻاري جيڪا آگ ٻاري، ان تي جيڪي شروع ۾ پروانا اچي پهتا، محمد اسلم شيخ ايڊووڪيٽ پهريون شخص هو. اسان جي اها ملاقات به عجيب انداز جي هئي.

اهو اڃ جيان موبائيلن جو زمانو ڪو نه هئو، ٽيليفون اڃا پنهنجي ڳوٺ سڄي ۾ به ڪو نه لڳي هئي. فقط خط و ڪتابت ئي رابطي جو واحد ذريعو هئي. شيخ صاحب جن خط لکي ٻڌايو ته شهدادڪوٽ جي تاريخ تي ڪتاب لکيو اٿن ۽ ان تي به اکر لکرائڻ لاءِ اچڻ گهري ٿو. مون به ساٽس ”ها“ ۾ ”ها“ ملائي ۽ نيٺ هڪ ڏينهن تي خير سان پاڻ به اچي پهتو: ڳڀرو جوان، ڳالهائڻ ۾ ڦڙت ۽ رنگ ڍنگ ۾ هشاش بشاش هي سائين ته ”وڏو نالو“ ٻڌي آيو هو، پر خبر ناهي ته سندس دل تي ڇا گذري هوندي. چو ته آئون قدبت ۾ پورو پنو، ڳالهائڻ جو اڏنگو، پر ڪم ڪار ۾ بنهه پورهيت.

شيخ صاحب سماجي ڪمن ۾ نالو ڪمائي چڪو هو. ادبي دنيا لاءِ به اوپرو ڪو نه هو. سنڌي ادبي سنگت شهدادڪوٽ جو سرگرم ڪارڪن هو. استاد پيرل قمبر سان ڪچهرين جو به ذڪر ڪيائين. پهرين ملاقات ۾ متاثر ڪري ورتائين. هن جي ماٺيپي ۽ مارن سان محبت واري جذبي مون کي به جنون بخشيو ۽ سندس ڪتاب **”شاداب شهدادڪوٽ“** لاءِ به اکر لکي ورتم.

سائين محمد اسلم آيو ته پنهنجي ڪم لاءِ هيو، پر جهڙوڪ گل حيات جو سفير بڻجي ويو. شهدادڪوٽ ۾ سائين اشرف کهاوڙ جهڙي باشعور ماڻهو ۽ ڪامريڊ ولي محمد مگڻهار جهڙو مکڻ ماڻهو موتيءَ جا داڻا بڻجي اسان جي مالها ۾ شامل ٿي ويا. شهدادڪوٽ جي هن ٽه مورتيءَ منهنجي ۽ گل حيات جي وڏي واهر ڪئي.

هن جاکوڙي جوان زندگيءَ جا پر بهار سفر ڪيا. وڪالت کان ججن واري عزت ڀري منصب کي ماڻيائين. سيشن جج واري مان مرتبي تان رٽائر ڪيائين

۾ ان ڪانپوءِ سنڌ حڪومت سندس خدمتون لا ڊپارٽمينٽ لاءِ ورتيون ، جتي ايڊيشنل سيڪريٽريءَ طور ڪم ڪري رهيا آهن.

محترم محمد اسلم شيخ بنيادي طور تي نثر نويس آهي. شهدادڪوٽ جي تاريخ تي سندس پهريون ڪتاب آهي، جنهن ڪانپوءِ ٻين دوستن انهيءَ موضوع تي قلم کيو. ڪراچي جي ڪچهرين دوران خبر پئي ته ڪيتري وقت کان شعر و شاعري به ڪئي اٿن، پر ساميءَ جيان مٽن ۾ محفوظ ڪندو رهيو هو. گذارش ڪرڻ تي نيٺ هڪ ڏينهن سموريون بنديون ڪٽي آيو، جن هاڻي هن ڪتاب جو روپ ورتو آهي.

محترم محمد اسلم شيخ پنهنجي شاعريءَ جي هن ڪتاب جو نالو **"دل جو دفتر"** رکيو آهي، ۾ ان مان ئي سندس شاعراڻي فلسفي ۾ حيثيت جي خبر پئي ٿي. هن پنهنجي شاعري ذهن سان نه پر دل سان ڪئي آهي. هن جي هر شعر جي لفظ لفظ مان سندس دل جون هزار ڳالهيون اسان اڳيان ڪر ڪٽي بيهن ٿيون. دل جا رنگ به هزارين: انهن ۾ مذهبي خوشبو به آهي ته روحاني راحت به، آدرشي انسانن سان عقيدت جا اولڙا به، ان ۾ محبت جو موجون به آهن ته بره جون باتيون به. شيخ صاحب جي شاعريءَ ۾ هر اهو رنگ موجود آهي.

شاعري هر دور ۾ پنهنجي وصف ۾ اهميت جا رنگ مٽائيندي رهي آهي. ان جي شروعات انساني جذبن ۾ امنگن جي اڌمن سان ٿي. جڏهن ذهن جو ان ۾ عمل دخل شروع ٿيو ته شاعري فن جي راڻي بڻجي وئي ۾ بحر وزن جي هندورن مان هيٺ پير لائڻ کان به نابري واري ويهي رهي. نيٺ ڳائيندڙن وڄائيندڙن لوليون ٻڌائي کيس لوڪن ۾ وٺي آيا. ان ڪري شاعريءَ جو به نانءُ ٿيو ته شاعرن کي به مان مليو، پرجڏهن ڏاهن ۾ سياڻن اهو محسوس کيو ته شاعري روحاني تسڪين واري ڪارج کان رسُي ذهني عياشيءَ جو ذريعو بڻجندي پئي وڃي، ته انهن انهيءَ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته شاعري شعور جو نالو آهي ۾ جنهن شاعري ۾ ڪو پيغام ڪونهي يا جنهن شاعريءَ ۾ شعور کي سمجهڻ جي سگهه ڪانهي، اها شاعري ناهي.

محمد اسلم شيخ صاحب جي شاعري انهيءَ ڪسوٽيءَ تي پوري پئي ٿي. هن شاعريءَ جي فني لوازمات سان انصاف ڪندي به پنهنجون سموريون صلاحيتون انهيءَ تان قربان نه ڪيون آهن. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ دل جون ڳالهيون دل ۾ دماغ وارن سان ڪيون آهن. سندس شاعري ۾ ان ڪري هڪ ئي وقت تي ماکي ۾ مکڻ جو مزو موجود آهي.

مان انهيءَ ڳالهه تي خوش آهيان ته هن ڪتاب ذريعي محترم محمد اسلم شيخ ادبي دنيا ۾ نئين آب ۾ تاب سان اڀري آيو آهي ۾ هن ڪانپوءِ سندس قلم ۾ صلاحيتن مان اسان اڳتي به مستفيد ٿيندا رهنداسين. هن ڪتاب لکڻ ۾ شايع ڪرائڻ تي آئون کيس دل جي گهراين سان مبارڪون ڏيان ٿو.

ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ
باني گل حيات انسٽيٽيوٽ

# فهرست

1. پيش لفظ
2. تعارف
3. متن
   - (i) حمد
   - (ii) نعت
   - (iii) خراج عقيدت
   - (iv) نذرانه عقيدت
   - (v) غزل
   - (vi) وائي
   - (vii) نظم
   - (viii) چوسٽا

رهه راضي لافاني لا مڪان.

# حمد

## حمد

مولا تون ڪيڏو آ مهربان،
ڪرين سڀ مسئلا آسان.
صد، شڪر الحمد تو لاءِ،
رهه راضي لافاني لا مڪان.

(*)
سائين تون ڪيڏو آ بردربار،
انت تنهنجي جي خبر نه چار.
تون خالق ۽ مالڪ ڏيهه ڏاتار،
بخش تون اسان کي بخشڻهار.
(*)
دلين جي حالن کي ٿو ڄاڻين،
پڙر دلين کي تون پگهارين.
رزق ۽ عزت سان ٿو سنوارين،
تون جيارين ۽ تون ٿو مارين.
(*)
انس و جن، پکي پکڻ تنهنجا،
جيت به مڇن مالڪ اسانجا.
تون هڪ الله اسين بندا اوهانجا،
"اسلم" چوي ٿو ڄاڻين راز پنهنجا.

(20/IX/2011)

## حمد

اي مالڪ پاڪ پروردگار،
راضي ٿي مون رب ستار.

مشڪل ڪرسڄي آسان،
منهنجا ڪر تون ٻيڙا پار.

خطائون ڪر ساريون درگذر،
بخش مون کي تون بخشڻهار.

سولا ڪر باقي منهنجا  ڏينهن،
سخي تون اي ڏيهن جا  ڏاتار.

دعائون "اسلم" جون ڪر قبول،
هڙ ئي لاهه مون مٿان باري   بار.

## حمد

رب تنهنجو ناءُ،
ايڏو ته آسرو آءُ.

سڀني  ڏوهن لاءِ،
پانڌ ڳلي، پڇتاءُ.

معاف ڪر خطا،
لڳي نه ڪوسو واءُ.

رحمت تنهنجي سان،
گهاءُ نه رهندو گهاءُ.

مهنجا تون اي خالق!
تون لائق نمي نماءُ.

مالڪ مشڪل ڪشا،

اچي نه مور کو ايذاءُ.

”اسلم“ جي غيبي مدد،
کج سائين سڌ سماءُ.

## <u>حمد</u>

مالڪ بچاءِ هر شر کان،
ظلم ڏاڍ ۽ هر جبر کان.

تون مالڪ تون پروردگار،
دور رک زير و زبر کان.

مشڪل کج آسان تون،
وٺان ڪم سوچ صبر کان.

فريب آهن هر جاءِ ڏاڍا،
پناهه ۾ رک هر سحر کان.

”اسلم“ مٿان کر تون ڪرم،
بچائج مون غم و فڪر کان.

# نعت

## نعت

انسانيت جا روشن  تارا،
سلام توتي مرسل پيارا.

باطل جو  وار ڪندو چا،
سوين مليا تنهنجا سهارا.

منهن مبارڪ تنهنجو منور،
نور ۾ چمڪن نوري نظارا.

چنڊ فلڪ تي چيرجي پيو،
آڱر جا ڪيوَ عجب اشارا.

سواءِ تنهنجي امت جي ٻيڙي،
ڳولهي لهندي ڪٿان ڪنارا.

شفاعت ڪجانءِ "اسلم" جي،
الله جا رسول اي محمد پيارا.

## نعت

ذڪر تنهنجو ئي مون زبان،
روح به ڪري تنهنجو بيان.

جاري  تو صلواتون  ۽ سلام،
خود خدا تنهنجو مدح خوان.

پچايو تو وحدت جو پيام،
هدايت جا ٿيا رستا عيان.

وسيلو  جو ڏنئي  قرآن جو،
رحمت نه ملي ها تو  بنان.

ڪفر جي اوندهه هئي هرجا،
روشن ئي نه ٿي ها هي جهان.

ڪيوَ جنهن مٿان نورِ نظر،
الله جي ٿيس رحمت روان.

آس آ پسڻ جي رهبر رهنما،
حاضري تنهنجي هر دم  پريان.

اي! علمبردار الفت ۽ علم جا،
ڪر "اسلم" سندا رستا چڱان.

## نعت

جڏهن ٿيندو ديدار مصطفيٰ،
ٿيندس پوءِ سرشار مصطفيٰ.

ڪندوَ جڏهن مون نِگاهه ڪرم،

رچندا منهنجا ڪردار مصطفيٰ.

آٿت اوهان جي گنهگارن ڪي،
شفا جو ڪيوَ اقرار مصطفيٰ.

جاري اکين مان نار ٿي پون ٿا،
سٽائي ڪنڌُو سردار مصطفيٰ.

زماني ڪيو جو مون ڪي گهايل،
مرهم ٿي پوندو دلدار مصطفيٰ.

رهي ”اسلم“سدا تنهنجي در،
تون ئي آهين قربدار مصطفيٰ.

## نعت

عشق جي ابتدا انتها يا محمد مصطفيٰ،
امت جي آٿت آسرا يا محمد مصطفيٰ.

اسم تنهنجي ۾ آهي رڪيل ڏاڍو سرور،
راحت روح جي دوا يا محمد مصطفيٰ.

مدت کان پنهنجون اکيون منديون،
در نه ٻيو در تو سوا يا محمد مصطفيٰ.

پوري ٿئي منهنجي ئي دل جي اميد،
عرض جي ڪيا يا محمد مصطفيٰ.

هيٺي هن سندي حال ڪي ڏسندي،
مدد ڪر ڪبريا يا محمد مصطفيٰ.

تنهنجي پاڪ روضي اطهر جو قسم،
نماڻي منهنجي دعا يا محمد مصطفيٰ.

منهنجي هن بگڙيل مقدر واسطي تون،
خدارا شفا ڪر شفا يا محمد مصطفيٰ.

"اسلم" آ فقط ئي فقط اوهان جو غلام،
جهولي جهلي تو در آ يا محمد مصطفيٰ.

(04/1991)

## نعت

صَلّ عليٰ نبينا- صَلّ عليٰ محمد
صل عليٰ ڪريمنا- صلي عليٰ محمد.
(*)
مشڪل ٿئي ٿي آسان،
سولا ٿين ٿا پوءِ امتحان،
خدا جو خاص آ فرمان
تو مٿان درود و سلام.
صَلّ عليٰ نبينا- صَلّ عليٰ محمد
صلي عليٰ شفيعنا- صلي عليٰ محمد.
(*)
آصف، طارق تي ڪر شفا،
خان، نون تي نام خدا،
ٿي ۽ فيي تي پڙ سدا.
تو مٿان درود و سلام.
صَلّ عليٰ نبينا- صَلّ عليٰ محّمد
صلي عليٰ رسولنا- صلي عليٰ محّمد.
(*)
اسان تان ٽرندي رهي بلا،
واسطي شهيدانِ ڪربلا،
ڀاڳ ٿين ارشادِ اسلمَ ڀلا،
تو مٿان درود و سلام.
صَلّ عليٰ نبينا- صَلّ عليٰ محّمد

صلي عليٰ رحمنا- صلي عليٰ محّمد.
(*)

رسي ”اسلم“ کي نه ڪو غم،
عرض نماڻو سائين سندم،
اميدون پوريون ٿين هر دم
تو مٿان درود و سلام
صَلّ عليٰ نبينا- صَلّ عليٰ محّمد
صلي الله حبيبنا- صلي عليٰ محّمد.

(5 فيبروري 2006)

# خراج عقيدت

## عقيدت جا گل بحضور
## قلندر شهباز رحه

سخن ۽ سخاوت جا سمندر،
سخي لال اي شهباز قلندر.

(*)
اچن ڪيئي پروانا تو وٽ،
ملنگ فقير مستانا تو وٽ.
قرب الاهي جا خزانا تو وٽ،
مست قلندر جا ترانا تو وٽ.
تن پانڌين جڙن روشن مقدر،
سخن ۽ سخاوت جا سمندر،
سخي لال اي شهباز قلندر.
(*)
ڏنم تو وٽ ڪيئي انوار،
جلالي راز جا سڀئي اسرار.
مستن جا هت انداز ئي نروار،
روح ٿين راضي ۽ باغ و بهار.
دعائن گهرندي ٿا کلن مقدر.
سخن ۽ سخاوت جا سمندر،
سخي لال اي شهباز قلندر.
(*)
دربار مٿان وسي ٿو جو نور.
تو در اچي ملي ٿو جو سرور،
ڌمال ۾ به رکيل راحت پرپور،
ملي ٿو توکان  فيض ضرور.
اچي تو وٽ ٿئي پڙ مسرور،
سخن ۽ سخاوت جا سمندر،
سخي لال اي شهباز قلندر.
(*)
ناتي خدا جي جا ڏنئي لولي،
سا سچي سڌي ۽ آهي سولي.
وسري نه تنهنجي ٻڌايل ٻولي،
پهري قرب سندي جا چولي،
سدا آباد ”اسلم“ جي جهولي.
سخن ۽ سخاوت جا سمندر،
سخي لال اي شهباز قلندر.

# شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه.

شعر تنهنجو الهام ڀٽائي،
پيار تنهنجو پيغام ڀٽائي.

سهڻيون آهن تنهنجون سوچان،
ميري من لاءِ  تنهنجون موچان،
لوڪ صلح لئه تنهنجون لوچان،
سونيون سونيون تنهنجون سوچان،
روشن تنهنجو نام ڀٽائي.
شعر تنهنجو الهام ڀٽائي،
پيار تنهنجو پيغام ڀٽائي.
(*)
سنڌيءَ ۾  سخن اوهانجو،
واهه جو آ وطن اوهانجو،
سبز ۽ سائو چمن اوهانجو،
سدا سُريلو صحن اوهانجو،
صبح، منجهند ۽ شام ڀٽائي.
شعر تنهنجو الهام ڀٽائي،

پيار تنهنجو پيغام ڀٽائي.
(*)
روح جو پرور آه رسالو،
انڌيري ۾ چنڊ کي اجالو،
وحدت وارو نينهن نرالو،
پيارن جو پرڪشش پيالو،
هر ڪنهن دل لئه دام ڀٽائي.
شعر تنهنجو الهام ڀٽائي،
پيار تنهنجو پيغام ڀٽائي.
(*)
تنهنجي ڀٽائي لات نرالي،
صبح جدا پرڀات جداري،
شام جدا ۽ رات جداري،
بات جدا ۽ ذات جداري،
تنهنجي عطا ٿي عام ڀٽائي.
شعر تنهنجو الهام ڀٽائي،
پيار تنهنجو پيغام ڀٽائي.
(*)
روشن آهن تنهنجون راهون،
شعرن ۾ آهن اشڪ ۽ آهون،
ڪاريءَ دل لئه آهن ڪاهون،
"اسلم" ڪليون واهه جو واهون،
جنت جو آن جام ڀٽائي،
شعر تنهنجو الهام ڀٽائي،
پيار تنهنجو پيغام ڀٽائي.

27 سيپٽمبر 1985

# عقيدت جا گل بحضور
# سچل سرمست رحه

سائين منهنجا دولهه درازي
علم ادب جا گوهر غازي
(*)
ان الحق جو نعرو تنهنجو

دلين تي آ ديرو تنهنجو

وحدت وائي ويرو تنهنجو

جو لهٽو، وائي سهرو تنهنجو

ڪلام تنهنجو ڪيمياسازي

سائين منهنجا دولهه درازي.

علم ادب جا گوهر غازي

هفت زبان جو تون آ شاعر

هر رنگ ۾ تون باطن ظاهر

مئي وحدت جو مئڪش ماهر

اسلم“ جو سائين تون ئي واهر”

بحر وزن جي تون ڪٿيل بازي

سنڌ مٿان تون ڪيڏو راضي

سائين منهنجا دولهه درازي.

# نظرانه عقيدت

## نظرانه عقيدت
## بحضور والدين

هوندا جنت اندر ماٽيندا مزا،
منهنجا امڙ ابا فاطمه رضا.
پيار سان جن پاليو مون کي،
علم سان سنواريو مون کي.
ڏک سک ۾ سنڀاليو مون کي،
عزت ۽ رتبو ڏياريو مون کي.

خدا ڏي تن کي اجر جي جزا،
هوندا جنت اندر ماڻيندا مزا،
منهنجا امڙ ابا فاطمه رضا.
(*)
جن جو نه آ ڪو به مٽ ثاني،
تن ڪان ملي جو هر نشاني.
تن وڏن جي وڏي مهرباني،
سي مربي هيا جگر جاني.
رب بخشش تن جي هر خطا،
هوندا جنت اندر ماڻيندا مزا،
منهنجا امڙ ابا فاطمه رضا.
(*)
ويا هو اڪيلو ڪري چو الائي،
قرب وارا ويا ائين ئي موڪلائي.
ياد تن جي چڙبي ڪيئن پلائي،
دعا "اسلم" سندي هيءَ رنگ لائي.
رحمت ڪر مالڪ تن تي سدا،
هوندا جنت اندر ماڻيندا مزا،
منهنجا امڙ ابا فاطمه رضا.

## نذرانه عقيدت

جنهن جي موت تي ٿيو ارمان،
هئي سا ڏاڍي منڙي ۽ مهربان.

جدائي جو نه هيس وقت اجان،
دعائن جو در هئي ۽ دارالامان.

عبادت گذار هيس نيڪ جذبا،
رهي رڌل پنهنجي ئي رب سان.

جنهن جي موت تي ٿيو ارمان،

هئي سا ڏاڍي منڙي ۽ مهربان.

چاهه وارن ۾ ٿي وئي ڪمي،
ساٿ هن ڏنو خوشي ۽ غمي.

خدا اڳيان حبيبان جو جهڪي،
ارشاد ۽ ”اسلم“ جي پياري امي.

جنهن جي موت تي ٿيو ارمان،
هئي سا ڏاڍي منڙي ۽ مهربان.

## خراج عقيدت
## مامو غلام الرسول

راضي هجي توتي الله ۽ رسول،
مغفرت لاءِ پوي هيءَ دعا قبول.

سدا ياد تنهنجي ايندي رهندي،
جنت ۾ هجين ماما غلام الرسول.

هيو جنهن سان پيار سندو ناتو،
دل جي حساب ڪتاب جو کاتو.

سچ هيو هو يار موتيءَ جو داڻو،
مان ماڻيندو هيو پير جنهن پاتو.

سار لهندو هيو سڀني جي برابر،
قرب ۽ قدرن وارو هيو منڙو مائو.

ڏک جيڪي ئي هيس من اندر ۾،

مرڪندو هو ڪنهن چاتو نه چاتو.

ويو متل ميلي مان موڪلائي ائين،
”اسلم“ رهندو سدا هن لاءِ ئي آتو.

## استاد پيرل قنبر

هو هيو جو سڪ جو ستايل،
نازڪ نازڪ عشق جو ماريل.

قرب ۽ پيار جو ئي هيو قائل،
عشق جي ڳٽين جو ڳاريل.

وفا شعار هو وفا سان ارپيل،
پيار لاءِ هن جا ها نيڻ آتل.

دلين جي موهڻ جو ته قابل،
آهن، دانهن سندو هو منڊل.

سوچن جو ته هو آوارا بادل،
سچو، سنت ۽ دل جو ڪليل.

قائم اڃ به آ ان جي محفل،
اهو هيو منهنجو استاد پيرل.

01-04-2006

# غزل

غزل

تو بن زندگي اڌوري،
اداس سنسان اڀوري.

جڏهن کان ٿي دوستي،
نه ٿي ڪا خواهش پوري.

مون توکان چا پئي چاهيو،
تو وٽ هئي هميشه مجبوري.

دل جا بار ٿين هلڪا ڪيئن،
انهن بارن جي آهي مجبوري.

”اسلم“ آهي وفادار توسان،
اها حقيقت اٿئي سموري.

## غزل

اڇي جڏهن هليو ٿو وڃين،
ڇٽل زخم ڇليون ٿو وڃين.

دل کي مليو هو ڪو سڪون،
آسرو ڏئي وري ڀليون ٿو وڃين.

سمجهي مون کي سادو سودو،
دانهن کان به جهليون ٿو وڃين.

پيار ۾ سياست جو کهڙو دخل،
ويندي به سور سليون ٿو وڃين.

”اسلم“ سان توکي رهڻو پوندو،
اهو پڌي بس کليون ٿو وڃين.

## غزل

مون کيو جو توسان پيار،
اهو ئي وعدو اهو ئي اقرار.

عشق حسن جي همدم آهن،
پيار سان ٿئي گل و گلزار.

توآڏو پلي کير به هجي پر،
برابر نه آ، پلي کري سينگار.

دوستي پنهنجي پکي رهندي،
ڏنا سي هڪ ٻئي کي جو اختيار.

موملءِ سومل پيون به آهن،
من جو ساٿي پر تون مختيار.

ناهي ٻي ڪا لوري جهوري،
تن ۾ ئي ساٿي تنهنجي تار.

عشق جي منزل ڪي ڇا ڇاڻن،
ٻنڌڻن وارا سي ڀالڪ پار.

”اسلم“ جون ڏس اکيون جاڳي،
نيڻن هاريا تو لئه ڪيڏا نار.

(28 ڊسمبر 1985)

# غزل

بهارن ۾ آيو آ جشن بهاران،
ٻڌجن پيون پکن پڪاران.

گلڙن مٺان هلي جيت آيا،
وٹن مان وهن ماکيءَ لاران.

ورتو هن ڌرتيءَ ويس سائو،
لڳي ويون هرجا انن انباران.

اَتن ئي لهندي ٿي وئي بهاري،
ٿي ويون خوشيءَ جون ملهاران.

ڏنم ڪانگ لنوي مَنهه مٿاهان،
هي پانڌي ٿي آيو پرينءَ پاران.

ڏسي راهه راٽي ڪئي منٿ مومل،
وري ڪاڪ ڏي موٽن ڪي مهاران.

اٿو يار ”اسلم“ هٹو نيهن- نعرو،
ٿاهيو ته سنڌ لئي قطاران قطاران.

(5 اپريل 1987)

# <u>غزل</u>

جو ڇاٽي انسان جو درد ،
اهوئي ته آهي جوان مرد.

ڏکن ۾ جنهن آ سار لڌي،
سينا ڪيا جنهن سرد،
اهوئي ته آهي جوان مرد.

قوم جو درد جنهن دل ۾ ،
سو خود قوم، نه آهي فرد،
اهو ئي ته آهي جوان مرد.

انسان لاءِ جو اڇي ڪم،
سچو ساٿي سچو همدرد،
اهو ئي ته آهي جوان مرد.

”اسلم“ ڏٺم انسان دوست،
قول ۽ فعل تي نه هين گرد.
اهو ئي ته آهي جوان مرد.

# غزل

پيار امن جو هي گلشن،
منهنجو جيءُ جيارو وطن.

مارو مٺڙا  هاري ناري،
ٻٽيا مسافر ۽ بي وطن.
پيار امن جو هي گلشن،
منهنجو جيءُ جيارو وطن.
(*)
مهمان ٿي پليا سي جي،
ڪيا سي جن لئي جتن.
پيار امن جو هي گلشن،
منهنجو جيءُ جيارو وطن.
(*)
دشمن ٻٽيا سي درندا،
لڄ نه آئي مگر تن لڇن.
پيار امن جو هي گلشن،
منهنجو جيءُ جيارو وطن.
(*)
ڌارين جا ڌاڙا ڏسي اڄ،
ٻٽيو جهنگ هيءُ چمن.
پيار امن جو هي گلشن،
منهنجو جيءُ جيارو وطن.
(*)
تو ۾ قيادت جي آ ڪمي،
عجب ۾ آ گهر ۽ صحن.

پيار امن جو هي گلشن،
منهنجو جيءُ جيارو وطن.
(*)
پرکي جن عزت تنهنجي،
سکيا سي ئي فڪر و فن.
پيار امن جو هي گلشن،
منهنجو جيءُ جيارو وطن.
(*)
"اسلم"هي  ملڪ اسان جو،
صدقي ان تان جان و من.
پيار امن جو هي گلشن،
منهنجو جيءُ جيارو وطن.

## **<u>غزل</u>**

ساٿي جڏهن کان وئين هليو،
ڪيڏو مون کي صدمو مليو.

ڇڏي پنهنجون يادون هت،
ڇا سلي تن ۾ تو آ ڇا سليو.

انتظار ڪري ڪاٿي پُڄان،
بس ديدار لئي آهيان رليو.

قدمن جا آواز هت مدھم،
ڪيئن آ تو پاڙ ڪي پليو.

يادن پراڻن جو ٿي قسم،
دوري ڇڏي بس اچ هليو.

”اسلم“ سان ڪرين ڇو ستم،
ڏس ھي توکي نه پلائي نه پليو.

(03/1991)

# غزل

ڏسندي پون ٿا، ياد اهي فسانه،
ڇلڪي پون ٿا، پيار جا پيمانه.

ڏنئي پيار جي نه ڪا مٺي موٽ ،
گذاريا  هئا سي جي ڏينهن سهانه.

تون سمايل منهنجي زندگيءَ ۾،
يادن جي زنجيرن  ۾ جانِ جانه.

وعدو ڪيو هو جو هڪٻئي سان،
وسرندو سو نه پلي گذرن زمانه.

”اسلم“ ڪيئن رهي تنها تو سوا،
تون هجين ۽ هجن تنهنجا ترانه.

(03-04-2006)

# غزل

تون دل جي دفتر ۾،
گجگوڙ آ سمندر ۾،

ماڻهو تون ڏاڍو ڏکيو،
ويو ڪم پئجي پٿر ۾،

ڪڏهن ٿيئي نه ارمان،
ڏک ويو رهجي اندر ۾،

نڪتين تون ته  مطلبي،
اهو پتو پيو وڃي آخر ۾.

"اسلم" نه هيو ان قابل،
صدمو هو لکيل مقدر ۾.

01-04-2006

# غزل

دل تي جڏهن تير لڳي پيو،
اچانڪ ان جو نقاب لهي پيو.

يار ته ساڳيو پنهنجو هيو،
پاڻي جو چڻ ڦوٽو ٽي پيو.

ويراني ۾ هو رڃ جو منظر،
اکين ۾ چڻ غبار اچي پيو.

نڪري پيو وڻ ڪجيءَ جو،
يقين منهنجي ۾ ڪٽي پيو.

دوستي هن جي واريءَ سفر،
منزل ۾ ئي هنياءُ ڦسي پيو.

"اسلم"ڳولهي پير سُجي پيا،
برپٽ ۾ چڙي پاڻ هلي پيو.

(01/05)

# غزل

ڪڏهن بي رخي تي پڇتايو ته هوندءِ،
پنهنجي بي واجبي کي ورنايو ته هوندءِ.

جڏهن به پيو هوندءِ منهنجو پيار ياد،
ساريو ته هوندءِ ۽ سنڀاليو ته هوندءِ.

جڏهن به ملندا ها هي نيڻن سان نيڻ،
دل دڙڪي ۽ اکين ڳالهايو ته هوندءِ.

جڏهن سڪ ۾ ايندو هيس تو وٽ هليو،
احساس ٿيو ته هوندءِ قرب مليو ته هوندءِ.

”اسلم“ ڪري نٿو سگهان ان جو بيان ،
ڏسي مون مگر ڪجهه سليو ته هوندءِ.

# غزل

پوندي آ جڏهن تنهنجي ياد پراڻي،
تون ئي تون تنهنجي پياري ڪهاڻي.

خوش لڳندو آ ڪيڏو سارو جهان،
دل ۾ ئي نه ماپندي آ دل جي آڪاڻي.

قرب تنهنجا وساري نه سگهبا،
قائم رهي شل پنهنجي ياراڻي.

غزل ۾ شعر جي پڌايا هيئه مون کي،
وفا جي تن مان به اچي پئي وراڻي.

تنهنجي اچڻ جي جا آهي خوشي،
ٿيندي پوري جي ٿئي روح رهاڻي.

اي ڪاش پاڻ گڏجي گذاريون،
"اسلم" جي رهندي اميد اويستاڻي.

## غزل

اهي ناز تنهنجا نٿو سهي سگهان هاڻ مان،
نه آهي دل پلا پوءِ چو رکان ارمان هاڻ مان.

پرايو مون سپ  ئي تنهنجي وصال مان،
مليو سپ ڪجهه نه آهيان ديوان هاڻ مان.

وسرين نه وساري سگهيم توکي هرگز ،
سوز اهي ڪهڙو ڪيان بيان هاڻ مان.

جيڪي سمجهيم سو ئي بس ٿي چڪو،
رهان نٿو ڪڏهن اجايو پريشان هاڻ مان.

”اسلم“ پلا ڪيئن رهجي ان آسري،
هن جي دل جو ناهيان مهمان هاڻ مان.

## غزل

تصور تنهنجي ۾ گم ٿي وڃان ٿو،
تو ۾ جانان ائين ختم ٿي وڃان ٿو.

توکي هر جاءِ مان ڳولهي ڦولهي،
اداسي ۾ ئي بس بسم ٿي وڃان ٿو.

پڪ تو وساري ڇڏيو ئي هوندو،
سهي سي سور مدهم ٿي وڃان ٿو.

تنهنجي يادن جي خزاني مان،
سي سر ساري ترنم ٿي وڃان ٿو.

هيءَ سڪ ته ڏس چاهت ته ڏس،
فدا توتان”اسلم“ ٿي وڃان ٿو.

## غزل

اگر تم سےکبھی محبت  نہ ہوتی،
تجھے یاد کرنے کی عادت نہ ہوتی۔

تیرے گیسئوں کے بکھرنے سے ،
مہکتی فضا میں  شرارت نہ ہوتی۔

ہوتا  نہ اگر ساتھ تیرا  سہارہ،
عدوں کی  بھی عداوت  نہ ہوتی۔

نہ ہوتا گر  تیری محبت کا  چرچہ،
تو  تیرے حسن کی شہرت نہ ہوتی۔

تجھے نہ دیکھتی گر  میری آنکھیں،
تیری چاند جیسی یہ مورت نہ ہوتی۔

نہ لے آتے جو لبوں پہ مسکراہٹ،
تو پتھر سے سونے  کی صورت    نہ ہوتی۔

ڈھانپ نہ لیتے اگر چہرے پہ پردہ،
تیرے پاس آنے کی ہمت نہ ہوتی۔

شرارت سے جو تو "اسلم" نہ ملتے،
میری ادائوں میں پھر حرکت نہ ہوتی۔

جنوری 1986

# وائي

## وائي

چو ڏئين ٿو سور الا،
چو ڪرين مجبور الا.
(*)
ساٿ پنهنجو آ سچو ،
چو  ڪرين ٿو ڏور الا.
چو ڏئين ٿو سور الا،
چو ڪرين مجبور الا.
ڪڏهن ته اچ منهنجي اڱڻ،
زخمن ۾  ته آهيان چور الا.
چو ڏئين ٿو سور الا،

چو ڪرين مجبور الا.
مان ڏکن جو اڳئي ماريل،
توسان ٿيان مخمور الا.
چو ڏئين ٿو سور الا،
چو ڪرين مجبور الا.
مارو ڏاڍا مايوس آهن،
سنڌ ۾ نه آ سرور الا.
چو ڏئين ٿو سور الا،
چو ڪرين مجبور الا.

”اسلم“ جي ڪر ڪا واهر،
هاڻي ڪر مون مسرور الا.
چو ڏئين ٿو سور الا،
چو ڪرين مجبور الا.

# نظم

## نظم

جڏهن کان توسان ملي دل صنم،
ڪبو وفا پنهنجو وعدو جنم جنم.
توبن رهي نه سگهي من مگن،
توسواءِ پر تڙپي منهنجو من،
پڪاريندو هر دم منهنجو تن.
تنگيءَ جو آنديءَ ڪٿان فن،
ناتي نڀائڻ جو ڪر ڪو وچن.
جڏهن کان توسان ملي دل صنم،
رهندو اهو ئي وعدو جنم جنم.

اجان "اسلم" کي پيو آزمائين،
پردي ۾ پيو پاڻ کي لڪائين.
چو ايڏي ٿو پر سزا سٽائين،
دل ۾ تون چو نه پيو سمائين.
نه پيو قدم قدم سان ملائين،
جڏهن کان توسان ملي دل صنم،
رهندو اهو ئي وعدو جنم جنم.

## نظم

منهنجي دل جو تون ئي دلبر،
تون ئي ساٿي تون ئي رهبر.

ٻئي شرارتي اکڙيون آهن،
زور پريون سي لڳڙيون آهن.
تن جي ناهن ڪي پي همسر،
منهنجي دل جو تون ئي دلبر.
تون ئي ساٿي تون ئي رهبر.

تنهنجي رخ تي تر جو ڪارو،
سهڻو سهڻو ۽ سو ڏاڍو پيارو،
ڪيئن چوان تنهن ڪي ڪمتر.
منهنجي دل جو تون ئي دلبر،
تون ئي ساٿي تون ئي رهبر.

چوڏس آ جو تنهنجو چهرو،
زلفن تي آ جنهن جو پهرو،
لبڙا لڳن ٿا چڻ لال و احمر.
منهنجي دل جو تون ئي دلبر،
تون ئي ساٿي تون ئي رهبر.

ڪلندي جيڪي ڳوڙها ڳاڙين،
گلڙن ڪي چڻ شنبم پيارين،
”اسلم“ لئي سي ساقي ساغر.
منهنجي دل جو تون ئي دلبر،
تون ئي ساٿي تون ئي رهبر.

(10 فيبروري 1986)

## نظم

جت هوشو، دودو، ۽ هيمون هجن،
سو منهنجو وطن، سو منهنجو وطن.

جت جبل نديون ۽ واهه هجن،
جت گلڙا ڪليون ۽ گاهه هجن،
جت فصل به سنگ سونا ڪڍن،
سو منهنجو وطن، سو منهنجو وطن.

جت درياهه مست متل هجي،
جت پوکي سٺي ته پڪل هجي،
سوين ڪڙمي جاتي قرار وٺن،
سو منهنجو وطن، سو منهنجو وطن.

تاريخ ۾ جنهنجو ذڪر هجي،
جتي فيلسفن جو فڪر هجي،
جت شاعر پيا گهرا گيت لکن،
سو منهنجو وطن، سو منهنجو وطن.

ڏس مفڪر ٿي موئن جو دڙو،
هن جهوني پراڻي سَنَ جو دڙو،
هي تهذيب آ جو مثال چڙو،
سو منهنجو وطن، سو منهنجو وطن.

چيا جي بيت ڀٽائيءَ، سچل،
شعر لکيا جتي استاد پيرل،
شيخ اياز، ۽ پڻ بيدل، حمل،
سو منهنجو وطن، سو منهنجو وطن.

جو مومل، ليلا، سسئيءَ جو تر،
جو راڻي، چنيسر، پنهونءَ جو در،
سا سنڌ آ "اسلم" جنت جو گهر،
سو منهنجو وطن، سو منهنجو وطن.

(24 مئي 1987)

# <u>نظم</u>
# شهدادڪوٽ

مٺڙن ماروئڙن جو ڪوٽ،
پيارو پيارو شهداڪوٽ.

گلڙن جو هي گلدستو آ،
سون سچو سارو ڪوٽ.
مٺڙن ماروئڙن جو ڪوٽ،
پيارو پيارو شهداڪوٽ.
(*)
تو ۾ واسي سنڌي بلوچ،
ريتن رسمن وارو ڪوٽ.
مٺڙن ماروئڙن جو ڪوٽ،

پيارو پيارو شهداڪوٽ.
(*)
ڪيرٿر وارو تو ۾ جبل آ،
بگو دڙو آ نيارو ڪوٽ.
مٺڙن ماروئڙن جو ڪوٽ،
پيارو پيارو شهداڪوٽ.
(*)
ميان غلام صديق هت مدفن،
فيض جو چنڊ ستارو ڪوٽ.
مٺڙن ماروئڙن جو ڪوٽ،
پيارو پيارو شهداڪوٽ.
(*)

تو ۾ "ذاتو"، "زيب"، "فدا" ٿيا،
شعر سخن جو سارو ڪوٽ.
مٺڙن ماروئڙن جو ڪوٽ،
پيارو پيارو شهداڪوٽ.
(*)
هاري ناري پورهيت بستي،
سارين ۾ ان اپاريو ڪوٽ.
مٺڙن ماروئڙن جو ڪوٽ،
پيارو پيارو شهداڪوٽ.
(*)
امن جي توکي آ ضرورت،
سدا تون  سگهارو ڪوٽ.
مٺڙن ماروئڙن جو ڪوٽ،
پيارو پيارو شهداڪوٽ.
(*)
سينڌ سٽيي آ تنهنجي،
ويرن، جوڌن وارو ڪوٽ.
مٺڙن ماروئڙن جو ڪوٽ،
پيارو پيارو شهدادڪوٽ.
(*)
"اسلم" جي هردم هي دعا آ،

ٿئي نه ڪڏهن ڏڪارو ڪوٽ.
مٺڙن ماروئڙن جو ڪوٽ،
پيارو پيارو شهدادڪوٽ.

(8 آگسٽ 1990)

## نظم

تون ۽ مان، مان ۽ تون،
مان ۽ تون، تون ۽ مان.
(*)
پيار جي هڪ سرشتي ۾،
نازڪ نازڪ رشتي ۾.
تون ۽ مان، مان ۽ تون،
مان ۽ تون، تون ۽ مان.
(*)
واريءَ سندو پنهنجو سفر،
منزل ته ڪٿندي نيٺ مگر.
تون ۽ مان، مان ۽ تون،
مان ۽ تون، تون ۽ مان.
(*)
متان اٿئي پر دل لاٿي،
سور ته سهٽا اٿئي ساٿي.
تون ۽ مان، مان ۽ تون،
مان ۽ تون، تون ۽ مان.
(*)
خوش مون رهٽو پوندوءِ،
جدا مور نه ٿيٽو پوندوءِ.
تون ۽ مان، مان ۽ تون،
مان ۽ تون، تون ۽ مان.
(*)
اڄ ته اهو وچن ورنايون،
”اسلم“ سان وعدا نڀايون.
تون ۽ مان، مان ۽ تون،
مان ۽ تون، تون ۽ مان.

(07/XI/2011)

# چوسٽا

تون منهنجي دل جي دفتر ۾،
جيئن گجگوڙ هجي سمندر ۾.
تون ماٺهو ته آن  ڏاڍو ڏکيو،

ويو ڪم پئجي ڪنهن پٽر ۾.

(****)

ملڻ جلڻ تي چو ايڏي پابندي،
دل جي دڙڪن تي چو تالابندي.
هن ايڏي گهٽن ۾ پرين يار پيارا،
نڪري نه ساهه نه ڪر راهه بندي.

(****)

حال دل جو جي ڪجي ڪو ذڪر،
پڪ نه آ ته تون ڪندي ڪو فڪر.
چاهيندي ئي توکي سمائي چڏيم،
چا ان پيار جو تو تي به ٿيو  ڪو اثر؟

(****)

هن ڏينهن تنهنجو جاني جنم،
مبارڪ توکي هي سال صنم.
اسلم لاءِ سدا تون ٽڙندو وتين،
شل نه اچي توکي ڪوئي غم.

مينديءَ رتڙا تنهنجا هٿڙا،
سونين آڱرين ۾ سونا چلڙا.
چلڙن تي اڪريل سندم ناءُ،
خدايا ساوا رکج سي سلڙا.

(****)

عمر گذري جاکوڙيءَ وانگي،

منزل ماٺيم ماڪوڙيءَ وانگي.
هجي نه ها جي تنهنجو ساٿ،
رهي نه سگهون ها جوڙيءَ وانگي.

(01/04)

(****)

موهي زندگي ڪيئه پرڪشش،
اهڙيءَ عنايت جي ته يار نوازش.
وسرن ڪيئن پيار جون گهڙيون،
دلين جي ڏڪ ڏڪ اکين جي ڪشش.

(****)

رهين خوش اها آهي دعا،
قائم رهي هيءَ دوستي سدا.
پلي رهه دور پر سمجهي چڏ،
سڪون ئي نه ملنديءِ مون بنا.

پيار ڪري پري ٿبو ناهي،
ويجهو ٿي وري وڃبو ناهي.
تون آهين زماني ساز مگر،
سادن سودن کي ٺڳبو ناهي.

(****)

گذري ويا جي اهي پيارا ڏينهن،
مليا جڏهن نينهن سان نينهن.
وڌو هو موهي تنهنجي ناز و ادا،
ياد ايندي ٿا وسن نيٽن نينهن.

(****)

جڙيو جنهن سان پنهنجو جنم،

سچو ساٿي سچو سوئي صنم.
سوا جنهن  رهي نه سگهان جدا،
ان ساٿ جو نالو ارشاد ”اسلم“.

(****)

دل ٿي چوي توکي وساري ڇڏيان،
نانءُ ئي دل تان نيساري ڇڏيان.
نه ڪريان وري توڏي ڪا نظر،
بيوس آهيان جو  وساري ڇڏيان.

تون دل جي دفتر ۾،
ٿي بارش جيئن ٿر ۾.
پون نڪري گل پوٿا،
ڪوئل ڪوڪي سر ۾.

(****)

تون دل جي دفتر ۾،
سرهي سرهاڻ عطر ۾.
واس تنهنجو رهندو آ،
خيالن جي ته محور ۾.

(****)

ڪٿي ويا ها ڪيڏا فاصلا،
جڏهن پيار جا  ٿيا سلسلا.
مشڪل ڪيڏي به آئي پر،
منزل تي وجي  پهتا قافلا.

تون دل جي دفتر ۾،
سوز هجي هر سر ۾.

آسان ٿي وئي منزل،
ساٿ ڏنئي جو سفر ۾.

(****)

تون دل جي دفتر ۾،
درد سمايل اندر ۾.
شعر جي سپ توتي،
مهڪ جهڙي عنبر ۾.

(****)

ساٿ تنهنجو پورو سورو،
ڪم تنهنجو سچو اڌورو.
ڪير رهي تنهنجي آسري،
قول تنهنجو سچو اڻپورو.

(****)

تون ئي دل جي دفتر ۾،
سپ راز سمايل اندر ۾.
گهرا شعر هي منهنجا،
لڪيم تنهنجي فڪر ۾.

(****)

تون دل جي دفتر ۾،
پوڄا جيئن مندر ۾.
پيار اسان جو پيارا،
ناهي منديل منتر ۾.

(****)

تو دل کے دفتر میں،

بادل برسے تھر میں۔
ہر جا نکلی ہے ہریالی،
کوئل کوکے  سر میں۔

(****)

تو دل کے دفتر میں،
بھینی مہک عطر میں۔
خوشبو تیری ہے باقی،
خیالوں کے محور میں۔

(****)

I love you, I love you,

Smile as others smile.

My heart divided in two:

Outer one for everyone,

Inner one ever for you,

I love you, I love you,

(1987)

(****)

You on heart wall,
Like cool rain fall.
For you I still wait,
Give reply of my  call.

(****)

You only in my heart,

Pearls set in shell part.

Moment when I saw,

So I merged in a shot.

(****)

See we are on one page,

Promised living together,

And don't miss each other,

That's why we have linkage.

(****)

You are on heart page,
I like you beyond gauge.
Let break lonesomeness,
Tie relations, we pledge.

(****)

You on my heart page,
Saved with pretty image.
Place where you not live,
Looks lonely and strange.

(****)
Pakistan Indonesia tie
Strong true, but no lie,

AJAR gave good power
Raised our capacity high.

(****)

True we are away,
Away yet on a way
You not felt feelings
Understand without delay.

(****)

تون دل جي دفتر ۾،
لالي سمايل سُندر ۾.
ڪارو سڳو ٿي پاتل،
دشمن نه رکندءِ نظر ۾،

(****)

تون دل جي دفتر ۾،
بارش آهه ڪکر ۾.
ڪنوڻ جڏهن ڪنوندي آ،
مهڪار ٿيندي آ شهر ۾.

(****)

رڏل تون ڪمن ڪارين سان،
توکي ياد ڪيان دعائن سان.
ساٿ سنگت رهندي سلامت،
ابتدا صبح جي پيار سلامن سان.

تون دل جي دفتر ۾،
ڏندي پريل نيلوفر ۾.
مهڪ ڪنول جي سان،
تصور پسيم منظر ۾.

(****)

تو دل کے دفتر میں،
شوخ رنگ نیلوفر میں۔
رعب کیا تھا کنول کا،
صورت تھی منظر میں۔

(****)

You on my heart page,
I like you at first phase.
No one but except you,
Find any pave passage.

تون دل جي دفتر ۾،
چڪور چنڊ چڪر ۾.
هزار ميل پري هن کان،
يار سداهن جي نظر ۾.

(****)

تو دل کے دفتر میں،
چکور چاند چکر میں۔
دور وہ اس سے مگر،
یار اس کے نظر میں۔

(****)